# ڪهاڻيڪار اُتم

- واسديو ’نرمل‘

اُصول پرست اُتم، هڪ ئي وقت مضمون نگار، ڪهاڻي نويس، ڪوجنيڪ، پترڪار، سمپادڪ ۽ سنڌيت جي هلچل جو علمبردار آهي. هوُ سنڌي ساهت ۾ سنڌي جيوت جي ترجماني جو طرفدار ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حفاظت لاءِ هردم تيار سنڌي شخصيت آهي. هن جي شخصيت گهڻ-ڪنڊي آهي. اِنڪري صرف سندس ڪهاڻي ڪلا ڪٿي هيءُ مختصر مضمون سندس ڪهاڻين جي مجموعن ’ڪشمڪش‘ ۽ ’هوُ جهان ۽ هي من‘ تائين محدود ڪيو اٿم.

شري اُتم جون ڪهاڻيون هند توڙي سنڌ جي مخزنن، رسالن ۽ ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ور ور ڪري ڇپيون آهن. اِن مان اِنهن ڪهاڻين جي مقبوليت جي ڄاڻ ملي سگهي ٿي. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين جا ترجما هندي، بينگالي، گجراتي، مراٺي، مليالم، اُردو، اُڙيا ۽ انگريزي ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. سندس ’راجا‘ ڪهاڻي ته روس جي ڪن ٻولين ۽ جرمن ٻوليءَ ۾ به ترجمو ٿي چڪي آهي. سندس ڪهاڻين جي مجموعي ’ڪشمڪش‘ جا ٣ ڇاپا ڇپجي چڪا آهن، جن مان هڪڙو سنڌ ۾ ڇپيو آهي. اَزانسواءِ ’ڪشمڪش‘ ڪهاڻين جي مجموعي جو گجراتي ڀاشا ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. اِن مان اِنهن ڪهاڻين جي اهميت ظاهر ٿي بيهي ٿي.

اُتم جي ڪهاڻين ۾ اڪثر سنڌي جيوت جو چٽ، ترقي پسند نڪتهءِ نگاهه کان چٽيل آهي. اِنهن ڪهاڻين ۾ فقط

وارو ڪو ڪردار آهي.

ڪهاڻيءَ 'پيريءَ جو توشو' ۾ مهاراشٽر پرانت جي ڪانديش ايراضيءَ جي ڪرڙوڌ هاريءَ جو ڪردار بہ همدرديءَ لائق خوددار ڪردار آهي، جو نوڪريءَ جي تلاش ۾ ممبئيءَ ۾ اچي ٿو ۽ جڏهن نوڪري نٿي مليس، تڏهن بيمار هوندي بہ، مزوري ڪندي، هڪ وڏو باردانو کڻندي ڪري ٿو، باردانو اچي سندس مٿان ڪري ٿو ۽ رت نڪريس ٿو.

ڪهاڻيءَ 'قافلو وڌندو رهيو' جي غيرتمند خوددار ومل جو ڪردار بہ اڻ وسرندڙ ڪردار آهي، جيڪا ڏيتيءَ ليتيءَ جي گهُر ٿيڻ تي شاديءَ کان انڪار ڪري ٿي ۽ شاديءَ جي مئڪروفون تي اَهڙو اعلان ٿي ڪري تہ هوءَ سندس جيڏي اَهڙي شخص سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، جيڪو ڏيتيءَ ليتيءَ جو شرط نہ وجهي، نہ تہ تہ هوءَ عمر ڀر ڪنواري رهڻ پسند ڪندي.

اَهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي ڪردار آهن.

هن مختصر مضمون ۾، مون 'اُتم - ڪهاڻي نويس جي ڪهاڻي-ڪلا' جي خوبين جو مختصر ۾ ذڪر ڪيو آهي، جو هن ڪتاب جي سمپادڪا جو عرض هئو تہ مضمون مختصر هجي. ان ڪري تفصيلوار مقالو وري ڪو موقعو ٻڌيو تہ ضرور لکڻ جي ڪوشش ڪندس.

**ڪهاڻين جا موضوع :**

اُتم ڪهاڻين ۾ گوناگون مضمون ڪنيا آهن. جن ۾ مکيه آهن : سماج جون برايون، سنڌيت جو جذبو، سرڪاري دفترن ۾ بي اِنصافي ۽ بد اِنتظام جي اوڳهڙ، ساهيڙين ۾ حسد (ڏسو ڪهاڻي ’ٻه ساهيڙيون‘)، مردن جي موناپلي ٽوڙڻ (ڪهاڻي ’قڪڙ قاڙ‘)، جنگ دوران، هوائي حملي وقت، گهگهو وڇڻ تي، پاڙيسري ڪئن پنهنجا نندا وڏا جهيڙا وساري، يڪمشت ٿا ٿين (ڪهاڻي ’روشني موٽي آئي‘)، زال کي ٻه نوڪري ڪرڻ گهرجي (ڪهاڻي اوُ ٽي .... ٻڌي‘)، پوڙهي سان جوان عورت کي سندس مرضيءَ خلاف پرڻائڻ (ڪهاڻي ’جيون ساٿي‘)، سڄاڳ ۽ سٽل من وچ ۾ ڪشمڪش (ڪهاڻي ’ڪشمڪش‘)، ڪنهن ٻه پورهئي ڪرڻ ۾ ڪو اَهم ڪونهي (ڪهاڻي ۽ مان‘) ۽ سنڌين ۾ سنڌي ٻولي، ساهت، ڪلچر ۽ جنم-ڀومي سنڌ کي پيار ڪرڻ جو سُتل جذبو جاڳائڻ (ڪهاڻي ’انساني جذبو‘)

**عبارت :**

اُتم جي عبارت دلڪش ۽ سڌي سنواٽي آهي. سندس ٻولي بنا ڪنهن وروڪڙ جي آهي. سندس بيباڪي ۽ صاف گوئي سندس ڪهاڻين جي ڪردارن جي گفتن مان صاف پيئي بڪي. عام طور ٻولي سپڪ ۽ سليس آهي، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي ٺهڪندڙ پهاڪن ۽ اصطلاحن جو استعمال خوبصورتيءَ سان ڪيل آهن، جن مان قابل ذڪر آهن :

هرڪا ٻڪري پنهنجي ڦاهي چڙهندي، اِن ۾ کهڙي فارسي آهي (ڪشمڪش)، مرد جي مات ڏسي مونکي منيان پئي

